عائشه الاهي سريوال

# ادب ۾ حقيقت نگاري

**Ayesha Ilahi Sirewal**

***Abstract:***

## Realism in Literature

*Realist thought emerged in 19th century with full of enthusiasm and attraction. Russian writers played prominent role to strengthen the movement with Chekhov, Ghorke, Talistai, Dosto Wiski being its for socio-political pioneers. 20th century proved to be favorable movements. The 1917th revolution of Russia created enthusiasm and spirit among the people. It cultivated strength and dare among the public for struggle. The revolution enlightened the people with the progressive ideas and brought them on right track. Russian revolution inspired people around the world and it created consciousness among the people about their rights. Two world wars during the 20th century inflicted irreparable losses to the world, however, it also created spirit for struggle to establish a new world for them. Consequently, literature became mouth piece of life. These circumstances left spillover effects on India also. By 1915 under the influence of these circumstances number of socialist movements started in India. Literary works during the said period focused on social issues including superseded norms and values, poverty, unemployment, dowry, unmatched marriages etc. like contemporary languages, Sindhi literature also remained focused on almost same issues. It was for the first time that in 1927 Jethmal Pursram raised voice against capitalist system by writing stories "Chamra Posh" and gradually realist movement got strength in Sindhi literature.*

*Realist thinkers discouraged exaggeration and extension, and introduced the tradition to depict factual aspects of circumstances, society and human life. Hither to romantic writers emphasized exaggeration to a greater extent that literature was considered to be incomplete without it, however, realists made truth and authenticity the foundation of literature.*

*ادب فطرت* ۽ ڪائنات وانگر ڦهليل ۽ پکڙيل آهي. ان جي ڪابه هڪ ۽ تز تشريح ممڪن نه آهي. ڇاڪاڻ ته زندگيءَ ۽ ادب جو رشتو تمام ڳوڙهو، پيچيدو، گهرو ۽ آفاقي آهي، ان ڳالهه تي ٻه رايا نه آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ابتدا کان وٺي ادب انساني زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجمانيءَ جو ڪم خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪندو رهيو آهي. انساني سماج تي جيترا به لاهال چاڙهها آيا آهن، ادب انهن سڀني کي محفوظ ۽ رقم ڪندو رهيو آهي. ان ڪري ئي ادب انسان جي تهذيبي سفر جي اڻ سڌي تاريخ شمار ٿئي ٿو. ادب هر موڙ تي انساني زندگيءَ جي تلخ توڙي پرمسرت لمحن کي محفوظ ڪري، نسل در نسل منتقليءَ جو ڪم سرانجام ڏنو آهي، ۽ ڪيئي لافاني ۽ جٽادار حقيقتن کي زندگي بخشي آهي. هونئن ته ادب سگهڙو زندگيءَ جي عڪاسيءَ تائين محدود به نه رهيو آهي، پر ادبي تنقيد به ان تي اتفاق ڪري ٿي ته اهو ئي ادب هميشه زنده جاويد ۽ جٽادار رهندو آيو آهي، جنهن پنهنجي اندر ۾ سماج جي گوناگون پهلوئن کي جاءِ ڏني آهي، ۽ عڪاسيءَ سان گڏ انساني رهنمائيءَ جو فرض به ادا ڪيو اٿس.

ادب انسان جي احساسن تجربن ۽ مشاهدن جو بيان ڪيل رڪارڊ آهي. جيڪو انسان جي اندروني پچ ڊاهه کان وٺي سماج جي ٻاهرين پهلوئن جي عڪس کي چٽي ٿو. ادب خيالن ۽ حقيقي شين کي هڪ نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪري، انهن ۾ نواڻ ۽ انفراديت پيدا ڪري ٿو. اديب پنهنجي انفرادي اسلوب ۽ رنگ ڍنگ وسيلي ڪنهن به موضوع کي پيش ڪرڻ وقت فقط فني پابندين طرف جوابدار هوندو آهي. هو پنهنجي تحرير ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق موضوع جي چونڊ ۽ سماج جي مسئلن ۽ معاملن، دنيا جي خوبصورتي، سماجي نابرابري، انساني بي حسيءَ کي کٽي اگهڙي وڌي ٿو. هو خود مختيار ۽ آزاد فرد جي حيثيت ۾ ڪم ڪري ٿو. ۽ هڪ عام شئي کي تخليقي روپ ڏيئي، نئون جنم بخشي ٿو. ليکڪ سائنسدان نه آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو ڪجهه پنهنجي تخليق ۾ پيش ڪري ٿو، ان پٺيان هن جو تجربو ئي اصل بنياد هوندو آهي. هو پنهنجي سماج جو مشاهدو ڪري ٿو، ۽ پوءِ ان جا نتيجا اخذ ڪري، ماڻهن آڏو آڻي ٿو. خاص طور جنهن تحرير ۾ انساني زندگيءَ جو ڪو پهلو شامل آهي، اها ليکڪ جي تجربي ۽ مشاهدي جو نچوڙ ئي هوندي آهي. ادب جو خاص مقصد اهو ئي رهيو آهي ته ان ۾ زندگيءَ جي نرالين ۽ گوناگون حقيقتن جو اظهار ڪجي. ايئن اهي حقيقتون دائمي حقيقتن جو روپ ڌاري وڃن ٿيون. ۽ هميشه لاءِ انساني يادن جي دستاويز جو حصو بڻجي وڃن ٿيون. ادب هميشه سماج ۽ زندگيءَ جو

طاقتور عڪاس رهيو آهي. ماڻهن جي پيڙائن، ڏکن ۽ دردن جي ترجماني ان جي اولين مقصدن جو حصو آهي. ادب صرف خيالي ڳالهين جو پندار ۽ سڪٽي لفاظيءَ نما جماليات جو نالو نه آهي. فڪر يا خيال بنا سڪٽي لفظي سونهن فقط وندر ورونهن جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي، ادب ان ڪان اڳتي جي شيءِ آهي. ادب انساني فهم، شعور ۽ آگاهيءَ ۾ به بنيادي ڪردارا ادا ڪري ٿو. ان لاءِ انساني زندگي ۽ ان جي مسئلن جي ڪليل اپٽار لازمي طور ٿيندي، اهو ادب ان ڪري به پڙهندڙن جي دلين تي خاص تاثر پيدا ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته هر ماڻهو ان ۾ پنهنجين زندگين سان وابسته ڪردارن، حالتن، واقعن ۽ المين کي ڳولي ٿو. ماڻهو جڏهن پاڻ کي ڪنهن تحرير ۾ موجود ڏسي ٿو، ته ڪيس اڻ لکي مسرت ۽ خوشيءَ جو احساس جاڳي ٿو. بنيادي طور هڪ تخليقي تحرير فرد کي غير محسوس طريقي سان سڌارڻ جو ڪم ڪري ٿي. اهو سڌارو وڌندو وڌندو، هڪ مڪمل سماج تائين ڦهلجي وڃي ٿو. فڪر ۽ خيال ادب جو اصل روح آهن. انهن کان سواءِ ادب معنوي سطح تي کوکلو ٿي ويندو.

ادب جي تخليق ۽ مقصدن جي باري ۾ قبل مسيح کان وٺي عالمن ۽ محققن بحث مباحثا ڪيا آهن. يونان ۾ شايد سڀ کان اڳ ۾ ادب بابت فلسفيانه بحث ٿيا. افلاطون چيو آهي ته:"ادب آهي ئي اهو جنهن ۾ خلق ۽ اخلاق توڙي سچائيءَ صداقت جي نشو و نما ٿئي." (فگار، 2006: مهاڳ )

ڪنهن ادب کي زندگيءَ جو آئينو سڏيو ۽ ڪنهن ٻوليءَ ذريعي زندگي جو اظهار، ڪنهن ان کي ڪمال ۽ زوال جي آرسي چيو، ته ڪنهن زندگيءَ جي تنقيد. لينن ادب کي آئينو ڪونيو آهي، ۽ چوي ٿو ته "جيڪو آئينو ڇٽو عڪس نه پهچائي، اهو آئينو نه ڇئبو."

ادب ۽ ان جي تشريح به وقت سان گڏ تبديل ٿي آهي. وقت ۽ حالتن جي تبديلي ادب جي موضوعن کي تبديل ڪندي رهي آهي. جيئن زندگي غير متحرڪ ناهي، ائين ادب به غير متحرڪ ناهي رهيو. زندگيءَ ۾ ايندڙ بدلاءُ ادب جي موضوعن ۾ بدلاءَ جو اهم ڪارڻ رهيو آهي. ادب ۾ ڪڏهن فطرت جي خوبصورت رنگن کي چٽيو ويو آهي ته ڪڏهن مظلوم ۽ غريب عوام جي سسڪين کي جاءِ ڏني وئي آهي. انسان پنهنجي سوچن ۽ خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي، ڪيتريون ئي دلڪش ۽ افسانوي آکاڻيون به گهڙيون آهن. هن تصور جون جنتون به پيش ڪيون آهن ته درد جا دوزخ به خلقيا آهن. هر دک ۽ تڪليف جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. البته پنهنجي پنهنجي دور جي حقيقتن ۽ صداقتن کان هن ڪڏهن به منهن نه ڦيريو آهي. سنڌ جا

قديم لوڪ قصا ۽ داستان هجن يا دنيا جو آڳاٽو يوناني ڪلاسيڪي ادب هجي، لوڪ شاعرن جون ڳاهون ۽ گيت هجن يا هومر جا اليڊ ۽ اوڊيسي، گهرائيءَ ۾ وڃبو ته انهن جي بنياد ۾ ڪا نه ڪا ازلي حقيقت ۽ سچائي لڪل ملندي. پڙهڻ سان ته اهي رڳو اتفاق، واقعا يا حادثا لڳندا، پر منجهن پنهنجي زماني جي حقيقي زندگيءَ جي نرالي تصوير ملي ٿي. ادب انساني زندگي ۽ سماج وانگر مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذريو آهي. ماحول جي تبديلي ادبي موضوعن کي پڻ تبديل ڪندي رهي آهي. جيئن زندگي هڪ هنڌ بيٺل ناهي رهي، ايئن ئي ادب به ساڪت ۽ جامد ناهي رهيو. زندگيءَ جو بدلاءُ ادب جي موضوعن کي بدلائڻ جو اهم ذريعو رهيو آهي. نظامن جي تبديلي، وطني حالتن جي تبديلي، مختلف سماجي شعبن جي ترقي ۽ انساني زندگيءَ ۾ اٿل پٿل جي ڪري به ادب جي ٻوليءَ، موضوعن، ڪردارن ويندي اسلوب ۽ گهاڙيٽن تي به ان جا اثر پوندا رهيا آهن. البته هر دور جي ادب جي تهه يا روح ۾ حقيقت نگاري ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ روان دوان رهندي آئي آهي. پوءِ اها ڪڏهن قدرت جي خوبصورت رنگن ۽ منظرن جي صورت گري ڪندي ظاهر ڪئي وئي آهي ته ڪڏهن مظلوم ۽ غريب عوام جي زندگين جي جهنم جي عڪاسي ڪندي پيش ٿي آهي.

قديم زماني جي ماڻهوءَ مختلف قصن ۽ داستانن جي صورت ۾ ڪيتريون ئي من گهڙت، خيالي ۽ افسانوي ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون پيش ڪيون آهن. جن ۾ هن دنيا کي ڪٿي جنت کان به وڌيڪ خوبصورت ڪري پيش ڪيو ويو آهي ته ڪٿي دوزخ کان به تلخ ۽ ڏکيو ظاهر ڪيو ويو آهي. البته انهن خيالي ۽ افسانوي ڳالهين جا پيرا کڻبا ته اهڙين تصوراتي ڳالهين پنيان به حقيقت نگاريءَ جو تخيلاتي ۽ تصوراتي روپ نظر ايندو. انهن ڪوڙن جو بنياد به سچ لڳندو. اهي خيالي ڳالهيون حقيقتن جو اڻ سڌو اظهار آهن. ڇو ته انهن ۾ به هر ان دک ۽ تڪليف جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، جيڪا انساني زندگيءَ سان جڙيل آهي.

ان ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي ته ادب جي هر ڪا تحريڪ حقيقتن مان ئي ڦٽي آهي، پر حقيقت نگاريءَ جو بنياد ئي سچ ۽ صداقت تي آهي.

ادب هميشه انساني زندگيءَ جو آئينو رهيو آهي. ادب انساني زندگيءَ جي تلخ توڙي سادن لمحن جي گهرائيءَ ۽ حسناڪيءَ سان عڪاسي ڪئي آهي، ۽ سچين ۽ جيٽادار حقيقتن کي سامهون آندو اٿس. اهڙو ادب ئي زندهه جاويد ۽ هر دور جو آواز رهيو آهي، جنهن پنهنجي جيءَ ۾

پنهنجي سماج جي خوشين ۽ غمين کي جڳهه ڏني آهي. جڏهن ادب پنهنجي سماج، ان جي ماڻهن، حالتن، تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي حقيقتن جو ترجمان ۽ نمائنده بڻجي پوي ٿو، تڏهن اهڙي ادب کي حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل ادب سڏجي ٿو.

حقيقت نگاريءَ بابت آمريڪين وٽ هڪ مشهور ۽ مقبول سمجهاڻي هيءَ آهي:

Godin, . (Real characters in real lives with real jobs and real problems 2003) Katherine,

غور ويچار سان معلوم ٿيندو ته، ابتدا کان وٺي ادب جي ترقيءَ سان گڏ گڏ حقيقت نگاريءَ پڻ ترقي ڪئي آهي. مثال طور ابتدائي زرعي دور ۾، جڏهن زمينداري ۽ جاگيرداري جو نالو نشان نه هو، جيڪو ڪيڙي سو کائي جو ماحول هو، تڏهن انسان سڀ برابر هئا. ڪا به ننڍ وڏائي يا اميري غريبي نه هئي. ان دور ۾ انسان پنهنجي وهمن، فطرت سان ڪيل انوکن تجربن ۽ مافوق الفطرت قوتن جا قصا گهڙيا. جنن، ديون، ڀَرين جا قصا ان دور جو يادگار آهن. اهي ڪهاڻيون ۽ قصا پهرين زباني ۽ پوءِ تحريري صورت ۾ اسان تائين پهتا. جيئن جيئن ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن دولت، تخت ۽ بادشاهيءَ جهڙن مسئلن ڪَر کنيو. تخت تان جهڳڙا، حڪمراني ۽ بادشاهيءَ جي وارثيءَ تان جنگيون لڳيون. اهڙين جنگين ۾ سوڀ ۽ ناڪاميءَ جا قصا به حقيقت نگاريءَ جو يادگار سرمايو آهن. خاص طور شاعرن رزميه قصن وسيلي سورهيائيءَ جون تاريخون رقم ڪيون. اسان جو ڪلاسيڪل دور جو ادب به فڪري طرح ڪٿي "تصوف" جي نظريي جو پرچارڪ آهي، جنهن جو مقصد انساني برابري ۽ خدا جي هيڪڙائي آهي، پر پنهنجي روح ۾ اهو به حقيقت نگاريءَ جو تخليقي مثال آهي. ان ادب ۾، خاص طور شاعريءَ ۾ انساني زندگي، ان جي مسئلن جي ترجماني ۽ انساني سماج ۾ موجود اوچ نيچ جي نظام، غالب طبقن جي ظلم ۽ زيادتين ۽ محڪوم طبقن جي مسئلن ۽ تڪليفن جي جهڙيءَ ريت ترجماني ڪئي وئي آهي، سا يورپ جي ادب ۾ به ورلي ڏسبي. جيتوڻيڪ سنڌ جي لوڪ شاعري ۽ سگهڙن جي قصن ۾ به حقيقت نگاري ملندي، پر شاهه لطيف ان کي هڪ رجحان مان تحريڪ جو درجو بخشيو. لطيف جي شاعري پنهنجي سماج جي ڀرپور عڪاس آهي. جنهن دور ۾ سنڌ ۾ لطيف جي شاعري هڪ قوت طور اڀري، ان زماني ۾ يورپ اونداهي دور مان هوريان هوريان نڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو نيٺ اونداهو يورپ نئين سجاڳيءَ

جي تحريڪ وسيلي روشنيءَ جي مينار طور اڀرڻ لڳو. يورپ ۾ جاگيرداري جي خاتمي زندگيءَ جي هر شعبي کي متاثر ڪيو. سرمائيدارانه نظام جي پيدا ٿيڻ سان ادب ۾ به نوان رجحان ۽ لاڙا پيدا ٿيڻ لڳا.

اڪبر لغاري چوي ٿو ته:"سائنسي ترقي جدّهن صنعتي ترقيءَ کي وڌايو ته شهرن ۾ مزدور طبقو ۽ ڪچيون آباديون وڌڻ لڳيون، جنهن سان هيٺيون وچولو طبقو وڌڻ لڳو.

صنعتي ترقي ۽ پرماريت امير طبقي جي حيثيت ۾ وڌو اضافو ڪيو. نتيجي ۾ امير غريب جو فرق وڌيڪ نمايان ۽ اذيتناڪ بنجي ويو (لغاري، 2008: 56)

ادب ۾ انساني زندگيءَ ۽ حقن جي پرچار لاءِ جنهن تحريڪ جنم ورتو، ان کي اسان حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ چئون ٿا.

In general, realism in art and literature refers to the attempt to represent familiar and everyday people and situations in an accurate, unidealized manner. More specifically, the term "realism" refers to a literary and artistic movement of the late 1800's and early 1900's. This movement was a reaction against romanticism. Romanticism was an earlier movement that presented the world in much more idealized terms (Campbell, Donna, 2014)

زندگيءَ جي حقيقتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ ۽ ان ۾ خيالي ۽ تصوراتي ڳالهين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش قديم زمانن کان هلندي اچي. ادب کان اڳ ۾ اها آرٽ جي ٻين نمونن ۾ پهرين نظر آئي. قديم يوناني مجسمن ۾ انساني شبيهن کان وٺي انهن جي ڪردارنگاريءَ تائين ۽ پوءِ يوناني اسٽيج ناٽڪ ۾ ان جون بهترين جهلڪيون موجود ملنديون. پر هڪ تحريڪ طور حقيقت نگاري فرانس مان اڀري. خاص طور فرينچ ناول نگار بالزاڪ ان جو باني مڃيو وڃي ٿو. هن جو ڪتاب "هيومن ڪاميڊي"(1824) حقيقت نگاريءَ جو ڪلاسيڪل مثال ۽ بنياد آهي. هونئن ته دنيا ۾ هزارين ليکڪ هن تحريڪ سان لاڳاپيل رهيا آهن، پر فرانس جو گستائو فلابرٽ (Gustave Flaubert)، فرانس جو ئي موپاسان(Guy de Maupassant)، روس جو چيخوف(Anton Chekhov) ۽ انگريزيءَ جو جارج ايليٽ( George Eliot) عظيم حقيقت نگار مڃيا وڃن ٿا.

حقيقت نگارن بنيادي طور وڌاءَ ۽ مبالغي کي ترڪ ڪري، انساني زندگي، حالتن ۽ سماج کي، جيئن آهي ۽ جهڙو آهي، ان کي هوبهو تيئن ئي پيش ڪرڻ جو رواج وڌو. ان کان اڳ ۾ رومانوادين ادب ۽ فن جي مختلف نمونن ۾ وڌاءَ ۽ مبالغي کي ايترو ته عام ڪري ڇڏيو هو، جو ادب جو تصور

ان بنا ڏکيو هو. حقيقت نگارن سچ ۽ صداقت کي ادب جو بنياد بڻايو. اڪثر عالم ۽ نقاد ان ڳالهه تي متفق آهن ته ڪنهن به داخلي رنگ آميزيءَ، افسانويت ۽ آئيڊيلزم کان سواءِ حقيقتن کي سمورن رخن ۽ ڪڙاڻ توڙي کهراڻ سميت بيان ڪرڻ حقيقت نگاري آهي. تخيل تي سچ جي غلبي کي ئي هن تحريڪ جو جوهر سڏجي ٿو. ڊارون جي ٿيوري، آمريڪي گهرو ويڙهه ۽ ٻن عالمي جنگين يورپ ۽ آمريڪا جي ماڻهن کان تصور پسندي ۽ خيال پرستي کسي، ان کي جن حقيقتن جي سامهون آندو، تنهن بعد انهن لاءِ ڏکيو هو ته اهي اڃا به رومانوادي رهن. حقيقت نگاري جا مُک نڪتا هن ريت آهن:

Emphasis on psychological, optimistic tone, details, pragmatic, practical, slow-moving plot

Rounded, dynamic characters who serve purpose in plot

Empirically verifiable

World as it is created in novel impinges upon characters. Characters dictate plot; ending usually open.

Plot=circumstance

Time marches inevitably on; small things build up. Climax is not a crisis, but just one more unimportant fact.

Causality built into text (why something happens foreshadowed). Foreshadowing in everyday events.

Realists--show us rather than tell us

Representative people doing representative things

Events make story plausible

Insistence on experience of the commonplace

Emphasis on morality, usually intrinsic, relativistic between people and society

Scenic representation important

Humans are in control of their own destiny and are superior to their circumstances (Scheidenhelm, Carol, 2007)

انساني زندگيءَ تي ٿيندڙ نا انصافين، ڏاڍ ۽ ظلم جهڙي سچ کي ظاهر ڪرڻ ادب ۾ هڪ معيار جو درجو رکي ٿو. انهن کي بيان ڪرڻ ۽ جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ يا انهن جي بلڪل ائين تصوير چٽڻ جيئن اهي آهن، حقيقت نگاريءَ جو بنياد آهن. ”اديب دنيا کي ڪيمره جي اک سان ڏسي ٿو ۽ بڻ ڊبائيندي ئي هو انهن حقيقتن کي ان ئي حالت ۾ پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ هو آهن.

اشردڙ، جنهن چيو ته آءٌ ڪيمره آهيان.

جديد ادب ۾ هن حقيقت پسنديءَ جو اظهار ڪيو هو.

جنهن ۾ فن کي ڪيمره وانگي استعمال ڪيو ويندو هو. جتي فنڪار جو ڪم صرف اهو هو ته اهو زندگيءَ کي ان نموني پيش ڪري، جنهن نموني اها ان کي نظر اچي رهي آهي.”(جالبي،1986 :84)

حقيقتن جو تعلق سماج سان رهيو آهي. ۽ حقيقتون يا سچ ڪڏهن به لڪل ناهن رهندا. اهي هميشه عوام آڏو بي پرده هوندا آهن.

ڪيرت ٻاٻاڻي جي چوڻ موجب ته: ”حقيقتون اهي آهن، جيڪي ڏسي سگهجن ٿيون، جي ٻڌيون ويون آهن، جنهن جو تصور يا ڪلپنا ڪري سگهجي ٿي.” (ٻاٻاڻي، 2006: 76)

اسان جي آس پاس ڪيترن ئي حقيقي واقعن، المين، ناگوار گذرندڙ لمحن ۽ ڏکن سکن پئي جنم ورتو آهي. انهن سڀني کي پيش ڪرڻ وقت اديب لاءِ سچائي ۽ وفاداري کان سواءِ ٻيو ڪو به بنيادي اصول ناهي. هن وٽ سچي دنيا جي تصوير چٽڻ ئي ان جو فرض آهي، ۽ اديب پاڻ کي ڪنهن قيد يا پابنديءَ ۾ جڪڙيل محسوس نه سمجهي ۽ حقيقت بيان ڪرڻ محل آزاد ۽ خودمختيار هجي، تڏهن ئي هو حقيقتن جو سڌيءَ ريت اظهاري ڪري سگهي ٿو، ۽ اعليٰ درجي جي تخليق کي اڀاري سگهي ٿو. اختر حسين راءِ پوري جي چوڻ موجب ته: ”هر ايماندار ۽ صادق اديب جو ڪم اهو آهي ته هو قوم ۽ ملت ۽ رسم، آئين جي پابندين کي هٽائي، زندگيءَ جي اتحاد، ٻڌي ۽ انسانيت جي هيڪڙائي جو پيغام ڏئي.

صحيح ادب جو معيار اهو آهي ته هو انسانيت جي مقصد جي ترجماني ڪري. اهڙي طريقي سان ڪري جيئن گهٽي مان گهٽا ماڻهو ان جو اثر قبول ڪن. ان لاءِ خدمت خلق جو جذبو پهرين هجڻ گهرجي (راءِ پوري، : 478)

ادب زندگيءَ جو آئينو يا تفسير مڃيو ويو آهي. يعني جيڪي ڏاڍ ڏهڪاءَ، پريشانيون، هيناهيون مٽايون، ڏک سک، خوشي ۽ غم، برايون ۽ سٺايون سماج ۾ موجود آهن، سي ادب ۾ به ملڻ کپن. ڪن اديبن صرف زندگيءَ جي هڪ پاسي کي پيش ڪيو آهي. سٺاين، خوشين ۽ سکن کي. پر ڪن زندگيءَ جو ٻيو پاسو به ڏيکاريو آهي، جيڪو تلخ ۽ بظاهر گندگيءَ وارو آهي، پر حقيقتن تي ٻڌل آهي. ميڪسم گورڪيءَ جي چوڻ موجب ته:”منهنجي حياتيءَ ۾ ڪي اهڙيون گهڙيون به ايندڙيون آهن، جڏهن مان سوچيندو آهيان ته ”ان گندگيءَ” کي لڪان يا نه. پر يقين سان چوندو آهيان ته انهن حياتيءَ جي گندگين تي ضرور لکندس. اها گندگي ته هڪ ننڍ ۽

نڪورو سچ آهي. جو اجا تائين ناس نه ٿيو آهي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي انسان جي حياتيءَ مان هوند پاڙون پٽي ٻاهر اڇلائجي ۽ ان کي ڀسم ڪري ڇڏجي (گورڪي، 2010: 198)

حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ جيڪا رومانويت جي تحريڪ جي ضد ۾ اڀري، تنهن پنهنجي لاءِ نوان بنياد قائم ڪيا. رومانويت پسند آزاد ۽ خوبصورت دنيا جي عڪاسي ڪندا هئا. رومانوي تخيل ۽ مبالغي آرائيءَ کان ڪم وٺندا هئا. اهي اديب ڪليل اکين سان خواب ڏسڻ لڳا هئا.

رومانويت جي باري ۾ مختلف اديبن پنهنجي پنهنجي راءِ ڏني آهي.
”گهڻو ڪري سڀ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته رومانويت انهيءَ داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نا معلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شئي جي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي. رومانوي نظريي مطابق تخيل آئيني جيان عڪاسي نٿو ڪري، اهو صرف موجوده حقيقتن جون تصويرون نٿو ناهي، پر تخيل هڪ ڏيئي وانگر آهي جنهن جا شعاع اونداهيءَ جي سيني کي چيري زندگيءَ جي لڪل پهلوئن کي روشن ڪن ٿا. غائب کي حاضر ڪن ٿا ۽ عدم کي وجود ۾ آڻين ٿا. ائين تخيل نئين حقيقت جو انڪشاف ڪندڙ آهي. معنيٰ رومانيت جو نظريو تخيل، تجسس ۽ انڪشاف جي اهليت جو نالو آهي (ميمڻ، 2002: 283)

عام طور حقيقت نگاريءَ کي رومانوي تحريڪ جو رد سڏيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته هو خيال ۽ هي حقيقت کي اهميت ڏين ٿا. ڪن جو رايو آهي ته:”رومانوي تحريڪ ۾ اديب ڪليل اکين سان خواب ڏسڻ جا عادي ٿي ويا هئا. ۽ ائين ئي زندگيءَ جي اصل حقيقتن کان رشتو ڪٽجي وين. ۽ پوءِ اهي خلائن ۾ اڏرڻ ۽ ڏسڻ لڳا. ان لحاظ کان رومانوي تحريڪ جذبي جي انتها پسنديءَ کي فروغ ڏنو.“( (راءِ پوري، : 470)

رومانوي تحريڪ پڻ زندگي جو هڪ نئون رخ پيش ڪيو. پر ان تحريڪ زندگيءَ جي صرف هڪ پهلوءَ کي ڏٺو ۽ چٽيو. رومانوين دنيا کي تمام آسان ۽ خوبصورت ڪري پيش ڪيو، پر ظاهر آهي ته زندگي جيتري آسان آهي، ايتري مشڪل به آهي ۽ جيتري خوبصورت آهي، ايتري بدصورت به آهي.

ان تحريڪ جي ردعمل ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ جنم ورتو، جنهن ادب کي زندگيءَ جو ترجمان قرار ڏنو. حقيقتن کي سچائي سان بيان ڪيو. هن تحريڪ تخيل بجاءِ حقيقت ۽ داخليت بجاءِ خارجيت کي اهميت ڏني.

حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ لاءِ علي عباس جلالپوري چوي ٿو ته:"ادب ۽ فن جي مشهور تحريڪ جو آغاز رومانويت جي نرم دل جذبات ۽ غلط راهه تي هلندڙ تخيل آميزيءَ جي خلاف احتجاج سان ٿيو هو.

اٺويهين صديءَ ۾ ماڻهن جي گڏيل بيداريءَ جا آثار نمايان ٿي ويا هئا. ان زماني جا اڪثر اديب هيٺئين طبقي سان تعلق رکندا هئا. جيڪي ڳوناٺي زندگي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کان واقف هئا.

اتفاق سان انهن کي عوامي زندگين سان محبت پيدا ٿي وئي. جرمني، فرانس، روس ۽ انگلستان جا اديب شهري ۽ ڳوناٺي زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ لڳا هئا. جيڪا هوريان هوريان هڪ تحريڪ جي صورت اختيار ڪري وئي هئي. اڄ تائين ڪيترين ئي تحريڪون جڙي ۽ وري ختم ٿي چڪيون آهن، پر حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ ۾ فرق ناهي آيو (جلالپوري، 2000: 136-135)

رومانيت جي تحريڪ جا ٽي خاص عنصر آهن:

1: رومانوين جو داخليت تي خاص زور هو.

2: خيالي دنيا ۾ رهڻ وارا هئا.

3: ماضي پرست هئا.

رومانويت پسند حال کان گهڻو بيزار هئا، ۽ ماضيءَ جا پرستار هئا. رومانويت انسان کي آزاد، خود مختيار، اعليٰ درجي جو ۽ ديوتا چيو آهي. پر حقيقت نگارن جي نظر ۾ انسان عام انسان ئي آهي. ان ڪري حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل تحريرن ۾ ماڻهوءَ کي سپرمين يا مافوق الفطرت قوتن جو مالڪ ڏيکارڻ بجاءِ ان کي عام انسان طور ئي پيش ڪيو ويو آهي. چاڪاڻ ته ماڻهن جي اڪثريت تڪليفن ۽ مسئلن جو شڪار آهي، ان ڪري انسان کي مجبور، ڪمزرو ۽ جبلتن جي ور چڙهيل ڏيکاريو ويو آهي. ۽ انهن جي بيوسيءَ جو ذميوار سماجي حالتن ۽ حڪومتي نظامن کي قرار ڏنو ويو آهي. حقيقت نگارن زندگيءَ جي عام پاسن کي ڏنو ۽ انهن جي پس منظر کي پيش ڪيو. هنن هٽرادو ماحول نه گهڙيو آهي ۽ نه ئي هٽرادو ڪردار خلقيا آهن.

حقيقت نگارن زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. زندگيءَ جي خوبصورتي ۽ بدصورتي، ان جون برايون ۽ ڀلايون پوري تخليقي سگهه سان جيئن جو تيئن بيان ڪيون.

افلاطون موجب ته: ”سني ۽ جٽادار ادب جو بنياد آهي زندگي جي آزمودن ڏانهن، حقيقتن جي سچائي ڏانهن ۽ پاڻ ڏانهن پوري ايمانداري.“ (افلاطون، 2006: 76)

حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ ادب ۾ ان ايمانداريءَ کان ڪم ورتو. حقيقت نگاري جي اها روايت پراڻي آهي. جنهن ۾ سماجي حالتن جي عڪاسي ادب جو اصل جوهر سمجهي ويندي هئي.

عزيز احمد جي چوڻ موجب ته:”سائنس جهڙيءَ ريت سچائي آهي ۽ شين ۽ جنسن جي حقيقتن جو معائنو ڪرڻ چاهيندي آهي، حقيقت نگاري ادب ۽ آرٽ ذريعي اهو ڪم ڪرڻ چاهي ٿي. حقيقت نگاريءَ ۾ ذاتي وجدان ۽ انفرادي نظر ڪي اهميت ناهي هوندي. حقيقت نگاريءَ ۾ نقطئه نظر ساڳيو ئي غير شخصي هوندو آهي. ان جو اولين مقصد زندگيءَ جي عڪاسي آهي. حقيقت نگار ڪجهه ناهي لڪائيندو، البته هو اڻ لاڳاپيل تفصيلن کي گهٽائي ڇڏيندو آهي. هن جو انداز بيان بلڪل صاف سٿرو ۽ سڌو هوندو آهي.سندس اسلوب سندس موضوع سان پوريءَ ريت هم آهنگ هوندو آهي.“ (عزيز، : 31)

حقيقت نگاري حقيقتن ڪي گهرائيءَ ۽ گهڻ طرفائيءَ سان پيش ڪري، زندگيءَ لاءِ نئين معنيٰ جي ڳولا ڪري ٿي. جڏهن زندگي وڌيڪ مشڪل ۽ تلخ بڻجي وڃي ٿي ته حقيقت نگار ان کي جيئڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائڻ لاءِ سامهون اچن ٿا.

هاورڊ فاسٽ لکي ٿو ته: ”جڏهن مان ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي ڳالهه ٿو ڪريان ته منهنجو مطلب ان مان اها حقيقت نگاري ۽ سچ آهي، جنهن جو سماج، ماحول ۽ حالتن سان واسطو آهي. حقيقت نگاري وڏي ڪسوٽي آهي. پر اها تاريخي پس منظر ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ئي ڏسڻي آهي.“(فاسٽ، 2010: 197)

حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ اڻويهين صدي ۾ پيدا ٿي هئي ۽ هيءَ تحريڪ پوري جوش ۽ جذبي سان اڀري هئي، پر ان تحريڪ کي وڌيڪ زور روس جي ليکڪن ونرايو، جنهن ۾ چيخوف، گورڪي، ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪيءَ کي لازوال حيثيت حاصل آهي. ويهين صدي سياسي ۽ سماجي تحريڪن لاءِ ڪافي سازگار ثابت ٿي. 1917ع ڌاري روس ۾ آيل انقلاب ماڻهن ۾ هڪ نئون جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو. ڪمزور عوام ۾ مقابلي ڪرڻ جي سگهه پيدا ٿي. ماڻهن جي اکين تي جيڪا گمراهيءَ جي پٽي چڙهيل هئي، ان انقلاب اها پٽي لاهي ڦٽي ڪئي ۽ انڌيرن کي ختم ڪيو. روشني جي

هڪ نئين لاٽ پيدا ٿي. روس جي انقلاب ڪي ڏسي مختلف خطن جي ماڻهن ۾ پنهنجي حقن ۽ آزادين لاءِ ويڙهه جو شعور پيدا ٿيو. ويهين صديءَ دوران ٽيل ۾ عالمي جنگين دنيا جو وڏو نقصان ڪيو ۽ دنيا ٽٽي ڦٽي وئي. انهن جنگين البته ماڻهن ۾ جيئڻ ۽ جدوجهد يا هڪ نئين دنيا قائم ڪرڻ جو اتساهه به پيدا ڪيو، ۽ نتيجي ۾ ادب به زندگيءَ جو ترجمان بڻجي ويو. انهن حالتن جا هندستان تي به اثر پيا. 1915ع ڌاري هندستان ۾ ڪيتريون ئي تحريڪون هليون، جن جو مول متو "سماج سڌارڻ" هو. ان صديءَ دوران جيڪو ادب تخليق ٿيو، ان جا موضوع خاص طور سماجي مسئلن سان جڙيل هئا. ان وقت جا موضوع دقيانوسي ريتون رسمون، بک، بدحالي، بيروزگاري، ڏاج، ٻي جوڙ شاديون وغيره هئا. سنڌي ادب به اڪثر هندستاني ٻولين وانگر اهڙن ئي موضوعن تي ٻڌل هو. 1927ع ڌاري ڄيٺمل پرسرام "چمڙا پوش" جي نالي سان ڪهاڻيون لکي، سرمائيدارانه نظام خلاف ڀڙيون آواز اٿاريو. ۽ ائين هوريان هوريان سنڌي ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ کي هٿي ملڻ شروع ٿي.

حقيقت جو دارومدار پڻ سماج يا ماحول تي هوندو آهي. جيئن سماج ۾ تبديلي ايندي آهي، ادب به نوان نوان دڳ اختيار ڪرڻ شروع ڪندو آهي، ۽ ان ۾ نيون نيون تحريڪون پنهنجا پير کوڙڻ شروع ڪنديون آهن. حقيقت نگاري به هڪ تاريخي ضرورت تحت وجود ورتو. گورڪي حقيقت نگاريءَ جي تاريخ ٻڌائيندي چوي ٿو:"انگلينڊ حقيقت نگاريءَ جي ماءُ ۽ چاسر حقيقت نگاريءَ جو ابو آهي. چاسر 1340ع ۾ ڄائو هو. جنهن جون ڀڙيون حقيقت پريون لڪتون "ڪئنٽر بري ٽيلسن" نالي ڪتاب ۾ ظاهر ٿيون. هن کان پوءِ شيڪسپيئر جهڙو اعليٰ اديب پيدا ٿيو. ۽ ان کان پوءِ ڪيترا ئي حقيقت نگار انگلينڊ جي ادب تي چمڪيا." (گورڪي، 2010 : 201)

اٺويهين صديءَ ۾ انگلينڊ ۾ سرمائيدارانه نظام سماجي طاقت بڻجي اُڀريو. ان صديءَ ۾ انگلينڊ ۾ ادب جو هڪ اهم دور شروع ٿيو. سرمائيدارانه نظام نئين دنيا کي جنم ڏنو. نئين جذبات ۽ قدرن کي جنم ڏنو، ۽ ان نظام عوام کي وڏيڪ پيڙيو ۽ ڏکن اندر ڌڪيو. ۽ مصيبتن جي گهيري ۾ وجهي ڇڏيو. پر پوءِ جلد ئي اها خبر پئي ته اها شروعات ڏک ۽ عذاب پيڙيندڙ آهي. ان جي جواب ۾ روسي حقيقت نگارن گوگول ۽ چيخوف ان ادب تي تنقيد ڪئي ۽ انهن سماج جي غلط ڪارين جي هڪ نئين انداز سان تصوير پيش ڪئي. سماجي حقيقتن سان گڏ سماج جي حقن جي به پرچار ڪئي وئي.

انهن ان عوام کي سرمائيدارانه نظام/غلامي، مصيبتن ۾ ۽ لالچ جي گهيري مان ٻاهر آڻڻ جو ڪم ڪيو.


**حوالا:**

1. **Godin, Katherine (2003) The Literary Realism** Movement: A Response to Romanticism [Accessed 20th February 2014] Available from World Wide Web: http://study.com/academy/lesson/the-literary-realism-movement-a-response-to-romanticism.html
2. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار، 2006: ادب زندگي ۽ سماج، مهراڻ پبليڪيشن شڪارپور
3. لغاري اڪبر 2008: حقيقت نگاري(مضمون)، ٽماهي سارنگا، حيدرآباد
4. **Campbell Donna (2014) Realism (late 1800s-early 1900s) [Accessed 20th February 2014] Available from World Wide Web: http://www.scholastic.com/browse/article.jsp?id=3753924**
5. **Scheidenhelm, Carol,(2007), American Literary History: Romanticism, Realism and Naturalism [Accessed 27 February2014] web:http://www.luc.edu/faculty/cschei1/teach/rrn2.html)**
6. جالبي ڊاڪٽر جميل،1986: ادب ڪلچر اور مسائل(مرتب: خاور جميل)، رائل بڪ ڪمپني ڪراچي، ص: 75
7. ٻاٻاٽي ڪيرت، 2006: ادب زندگي ۽ سماج(مرتب: هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار)، مهراڻ پبليڪيشن، شڪارپور
8. راءِ پوري، اختر حسين: نقد وانشا، ص 478
9. گورڪي، ميڪسم، 2010: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر (ليڪڪ: ڊاڪٽر نور افروز خواجه)، ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر، ڪانياواڙ، ڪراچي
10. ميمڻ ڊاڪٽر غفور،2002: سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي
11. جلال پوري علي عباس، 2000: خرد نامه جلالپوري، ص: 136
12. افلاطون، 2006: ادب زندگي ۽ سماج(مرتب: هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار)، مهراڻ پبليڪيشن، شڪارپور
13. عزيز احمد، ترقي پسند ادب، ملتان، سن اشاعت ندارد، ص 31
14. فاسٽ، 2010: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر (ليڪڪ: ڊاڪٽر نور افروز خواجه)، ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر، ڪانياواڙ، ڪراچي

15.گورڪي، ميڪسم، 2010: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر (ليکڪ: ڊاڪٽر نور افروز خواجه)، ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر، ڪانياواڙ، ڪراچي